नामांक Roll No.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | |

No. of Questions — 13

No. of Printed Pages — 7

# SS—23—Sindhi Sah.

## उच्च माध्यमिक परीक्षा, 2013

## SENIOR SECONDARY EXAMINATION, 2013

## SINDHI SAHITYA

**समय : 3 $\frac{1}{4}$ घंटे**

**पूर्णांक : 80**

شاگردنی لائی امتحان جا سادھارن نیوم :

1. سبِ سُوال کرڻ ضروري آھن۔

2. ھرھك سوال جي سامھون مارکون ڏنل آھن۔

**शागिर्दनि लाइ इम्तहान जा साधारण नियम :**

1. सभु सुवाल करण ज़रूरी आहिनि।

2. हरहिक सुवाल जे साम्हूं मार्कूं ड॒िनल आहिनि।

1. هيٺين ٽُڪري کي ڌيان سان پڙهي ڏنل سُوالن جا جواب لکو.

انسان جي هستيءَ ۽ بزرگيءَ جو فقط هڪ راز آهي- دل ڏيڻ. مومبتي ڳري ۽ پاڻ کپائي تڏهين سندس تجلو ٿئي ۽ اونداهي ڦري سها ئي ٿئي تيئن اِنسان جي دل به جڏهين ٻري ناس ٿئي، تڏهين نوراني جوت جو اِظهار ٿئي. ويچارو اِنسان تڏهين ٿو سگهارو ٿئي، مالڪ ۽ مختيار ٿئي، جڏهن پاڻ ارپڻ ٿو ڪري جنهن سڀ ڪجهه ڇڏيو، تنهن کي سڀ مايو. جنهن کي ڪجهه به ڏسڻ جي آس نه آهي تنهن پانيو ته سڀ ڏٺو، جنهن کي دل جو درد عطا ٿيو تنهن کي سمجهو ته ڪنهن به آرام جو ڪپ نه رهيو. اِنسان جي جيوت ۾ جي دل نه آهي يعني پريم ۽ ڀڳتي نه آهي ته هنجو جيئڻ اجايو آهي.

سوال 1 : مٿئين ٽُڪري جو سُهڻو يسرو لکو. 1

سوال 2 : ٿوري ۾ جواب ڏيو.

(i) اِنسانن جي هستيءَ ۽ بزرگيءَ جو ڪهڙو راز آهي؟ $1/2$

(ii) تجلو اکر جي معني چا آهي. $1/2$

(iii) اونداهي اکر جو ضد لکو. $1/2$

(iv) اِنسان سگهارو ڪڏهن ٿو ٿئي؟ $1/2$

سوال 3 : پڙهيل ٽڪري جو ننڍي ۾ سار لکو. 2

1. हेठियें टुकिरे खे ध्यान सां पढ़ही डि̱नल सुवालनि जा जवाब लिखो :

इन्सानन‍ि जो हस्ती ऐं बुजुर्गीअ जो फक्तु हिकु राज़ु आहे — दिलि डि̱यणु। मोमबती ग̱री ऐं पाण खपाए तड̱हिं संदसि तजिलो थिए ऐं ऊन्दाही फिरी सहाई थिए, तींअं इन्सान जी दिल बि जड̱हिं ब̱री नासु थिए, तड̱हिं नूरानी जोत जो इज़हारु थिए। वेचारो इन्सानु तड̱हिं थो सधारो थिए, मालिक ऐं मुख्तियारु थिए, जड̱हि पाणु अर्पण थो करे। जंहिं सभु कुझु छडि̱यो, तंहिं खे सभु मिलियो। जंहिं खे कुझु बि डि̱सण जी आस न आहे तंहिं भांयो त सभु डि̱ठो, जंहिं खे दिल जो दर्दु अता थियो, तंहिं खे समुझो त कंहिं बि आराम जो खपु न रहियो। इन्सान जी जीवन में जे दिल न आहे यानी प्रेम ऐं भग̱ती न आहे त हुनजो जीअणु अजायो आहे।

सुवाल 1 : मथिए टुकिरे जो सुहिणो सिरो लिखो। 1

सुवाल 2 : थोरे में जवाब डि̱यो :

(i) इन्सानन‍ि जी हस्तीअ ऐं बुजुर्गीअ जो कहिड़ो राज़ु आहे ? ½

(ii) 'तजिलो' अखर जी माना लिखो। ½

(iii) ऊन्दाही अखर जो ज़िदु लिखो। ½

(iv) इन्सानु सधारो कड̱हिं थो थिए। ½

सुवाल 3 : पढ़िहियल टुकिरे जो नन्ढे में सारु लिखो। 2

.2 كنهن بہ هڪ وشيه تي مضمون لکو : 10

(i) اڄ جي يُگہ ۾ ڪمپيوٽر ۽ اِنٽرنيٽ جي اهميت.

(ii) سماج ۾ وڌندڙ اپراڌ.

(iii) سنڌيت ڏينهن چيٽي چنڊُ.

(iv) آکين ڏٺل حادثي جو ورنن.

2. कंहिं बि हिक विषय ते मज़मून लिखो : 10

(i) अजु जे युग में कम्प्यूटर ऐं इन्टरनेट जी अहमियत

(ii) समाज में वघन्दड़ अपराध

(iii) सिन्धियत डीहुं चेटी चन्डु

(iv) अखियुनि डिठल हादिसे जो वर्णन।

.3 سڪول جي ساليانې جلسي ۾ مکيہ مهمان طور شريڪ ٿيڻ لاءِ ڊسٽرڪٽ ائجوڪيشن آفيسر کي نيڊ ڀريو خط لکو.

**يا**

پنهنجي دوست / ساهيتري ءَ کي جنم ڏينهن جي واڌاين جو خط لکو. 5

3. स्कूल जे सालियाने जलिसे में मुख्य मेहमान तोर शरीक थियण लाइ डिसट्रिक ऐज्यूकेशन आफीसर खे नीन्ड्र भरियो खतु लिखो।

**या**

पंहिंजे दोस्त / साहेड़ीअ खे जनमु डींह जे वाघायुनि जो खतु लिखो। 5

.4 (i) هيٺ ڏنل چوپائيءَ جو مطلب لکو. 3

"ڦهريووِيس گانڌي ءَ فقيري ءَ جو
مٽايو فرق غريبي - اميري ءَ جو
سڀيئي هڪجهڙا اِنسان آ هن
نام جي نظر ۾ سمان آهن"

(ii) سورٺي جو مطلب لکي مثال لکو. 2

4. (i) हेठि ड॒िनल चौपाईअ जो मतलबु लिखो : 3

“पहिरियो वेसु गांधीअ फकीरीअ जो,
मिटायो फर्कु गरीबी-अमीरीअ जो
सभेई हिकजहिड़ा इन्सान आहिनि
नाम जे नज़र में समान आहिनि।”

(ii) सोरठे जो मतलबु लिखी मिसालु लिखो । 2

.5 يمڪ ۽ اُپما جو ارٿ، پرڀاشا ۽ مثال لکو. $2^1/_2 + 2^1/_2 = 5$

5. यमक ऐं उपमा जो अर्थ, परिभाषा ऐं मिसाल लिखो। 2½ + 2½

.6 هيٺين مان ڪن به پنجن سوالن جا جواب لکو: 10

(i) ڀارت کي وديشي مُلڪن جي برابري ۾ ڪيئن ٿو ڀهاري سگهجي؟

(ii) ’بس اِسٽاپ تي‘ پاٺ ۾ ساماجڪ ڪاريہ ڪرتا، وڪيل ۽ مستري ۾ غريبن ۽ گهر جائن لاءِ ڇا ڪيو ؟

(iii) آڳاٽن رشين منيُن موجب يوگہ ساڌنا ۾ آسڻ پرا ڻايام جي ڪهڙي اهميت آهي؟

(iv) پرياگہ تيرٿ جي باري ۾ ڄاڻ ڏيو.

(v) هِڪ هٿ بيڪار ٿيڻ جي باوجود بہ ماسي بسران ڪهڙي ڪم ۾ گُورو حاصل ڪيو ؟

(vi) ڊاڪٽر اي-پي-جي عبدل ڪلام ڀارت لاءِ ڪهڙا ٽي نظريا ٻڌايا آهن ؟

(vii) سنت ڪبير جي دوهن ۾ سمايل ڌرمي ويچارن تي روشني وجهو.

(viii) پڙهڻ وقت ايڪاگرتا جي ڪهڙي اهميت آهي؟

6. हेठियनि मां किनि बि पंजनि सुवालनि जा जवाब लिखो : 10

(i) भारत खे विदेशी मुल्कनि जे बराबरीअ में कीअ थो बिहारे सघिजे ?

(ii) ‘बस स्टॉप ते’ पाठ में सामाजिक कार्यकर्ता, वकील ऐं मिस्तरीअ ग़रीबनि ऐं घुरिजाऊनि लाइ छा कयो ?

(iii) आग॒ाटनि ऋषियुनि मुनियुनि मूजिबि योग साधना में आसण ऐं प्राणायाम जी कहिड़ी अहिमियत आहे ?

(iv) प्रयाग तीर्थ जे बारे में ज़ाण डियो।

(v) हिकु हथु बेकार थियण जे बावजूद बि मासी बसिरां कहिड़े कम में गौरव हासिल कयो ?

(vi) डाक्टर ए० पी० जे० अब्दुल कलामु भारत लाइ कहिड़ा टे नज़रिया बुधाया आहिनि ?

(vii) सन्त कबीर जे दोहनि में समायल धर्मी वीचारनि ते रोशिनी विझो।

(viii) पढ़ण वक्ति एकाग्रता जी कहिड़ी अहिमियत आहे ?

.7 ناول جي تتون جي آ ڌال تي اجهو ناول جي پرک ڪريو.

يا

اجهو ناول جي ليکڪ هري موٽوائيءَ سنڌ ين تي ٿيندڙ ظلمن جي بارِ ي ۾ پنهنجي جذ بن جو اِظهار ڪردار موهن جي معرفت ڪهڙي نموني ڪيو آهي 10

7. नाविल जे तत्वनि जे आधार ते अझो नाविल जी परख करियो।

**या**

अझो नाविल जे लेखक हरी मोटवाणीअ सिन्धियुनि ते थीन्दड़ ज़ुल्मनि जे बारे में पंहिंजे जज़्बनि जो इज़िहारु किरदार मोहन जे मारफ़त कहिड़े नमूने कयो आहे ? 10

.8 هيٺين حوالن مان هِڪ جو مطلب لکو: 5

” توهين اِنسانن جي اُميد جا پرتيڪ آ هيو، جڙ پدارٿ مٿان اِنساني چيتنا جي سوڀ جا سرچشما آهيو.“

” هاڻي سي- سي ڪنهي، هاڻي زمين تي هلڻو آ هي. “

8. हेठियन हवालनि मां हिक जो मतिलबु लिखो : 5

''तव्हीं इन्साननि जे उमेद जा प्रतीक आहियो। जड़ पदार्थ मथां, इन्सानी चेतना जे सोभ जा सर चश्मा आहियो।''

**या**

''हाणे सी-सी कान्हे, हाणे ज़मीन ते हलिणो आहे।''

11. हेठियनि मां कंहिं बि हिक मिसरा जो मतलब खोले लिखो : 5

(i) "ड॒खु दुनिया में नंढो या व॒डो कोन थीन्दो आहे,
नंढो या व॒डो सिर्फ़ ड॒ेखाउ हून्दो आहे,
ड॒ोरि कची हुजे या पकी,
टुटण वक्ति
फ़र्कु उन जो दर्द में न पर दांहं मे थीन्दो आहे।"

(ii) "पंधु कारणु मूंखां पुजे॒ वाट वठी हलु तूं
ब॒ाझ भरिया ब॒ल तूं, हिन बेवसि ऐं बेज़ोर जो।"

12. 'خوشي' نظم ۾ شاعر عورت جي خوشيءَ جو راز ڇا ۾ ٻڌايو آهي؟ 5

**يا**

"ٻيڙي ڪاهي آءُ" نظم ۾ قومي ايڪتا ۽ سهڪار جي باري ۾ شاعر ڇا چيو آهي ؟

12. 'खुशी' नज़्म में शाइर औरत जी खुशीअ जो राज़ु छा में बुधायो आहे ?

**या**

'ब॒ेड़ी काहे आउ' नज़्म में कौमी एकता ऐं सहिकार जो बारे में शाइरु छा चयो आहे ? 5

13. ڪنهن به هِڪ ڪويتا جو سار لکو: 5

(i) او ڀاڄيءَ وارا (مهيش نيڻواڻي)

(ii) چوڏ ينهن چنڊُ (شاهعبدل لطيف )

13. कहि बि हिक कविता जो सारु लिखो : 5

i) ओ भाज॒ीअ वारा (महेश नेणवाणी)

ii) चोड॒ींहं चंडु (शाह अब्दुल लतीफ)